# چَئن مُندُن جو راڳُ

ٻارو اَچِي مِڙو هِڪَ ماڳُ

ڳايُون چَئن مُندُنُ جو راڳُ

هڪ مُندَ تِن مان آهي بَهار

جا مُندَ آهي واهَ جا ٻار

وَڻَ ٽِڻَ پَسِجَنِ ٿا سَڀُ سُهِڻا

باغَ لَڳَنِ ٿا مَنَ کي مُهِڻا

گُل ڦُلَ باغَنِ مَنجهِ ٽِڙَن

پَکيِ ٻہ مِنٽِڙيون ٻوليُون ڪَنِ

وَجي بَهار تہَ اَچِي اوُنهارو

رُخُ اُنهيءَ جو آهي نِيارو

مِينهن پِڻُ پَوَن ٿا جامَ

پوکَ جي سَڀَ کي وائِي عامَ

ٻارو اَچِي مِڙو هِڪَ ماڳ

ڳايون چَئن مُندُنُ جو راڳُ

پوءِ سَرءُ ٿي اَچِي ڦِري

هوا لَڳي ٿي کِهمَ پَري

دِلِ کي وَڻندَڙ ناهِ هَوا

ٿِئي ٿَپاوَلِي جاءِ ٻِجاءِ.

ٻارو اَڇي مِڙو هِڪَ ماڳُ

ڳايون چَئِنِ مُندُنُ جو راڳُ

ٿِيو سَرَءُ جو پوُرو وارو

آيو جَنهِن سان وَرِي سِيارو

هوا اُتَرَ جي ڪَري سوُساٽَ

سيءَ ۾ ٺَرِيو وَڃن گهرَ گهاٽَ

چَئِنِ مُندُنِ ۾ پوُرو سالُ

وَرِي ٿِئِي ٿو ساڳيو حالُ

ٻارو اَڇي مِڙو هِڪَ ماڳُ

ڳايوُن چَئِن مُندُنُ جو راڳُ

Traditional Folk

Singer : Vandana Nirankari

Music Director: Jagdish Lalwani